# چوڪَرُ ٺَنڊِڙو

اَڄُ تَوهانکي ٻُڌائِينداسِين هِڪَ
سِياڻي سِنڌي چوڪِري جي ڳالهه
چوڪَرُ ٺَنڊِڙو, چوڪَرُ ٺَنڊِڙو
ننِڪِتو گهرَ کان ٽَڪِڙو ٽَڪِڙو
هَٿَ سَندس ۾ ڇَٽي پِياري
سِرَ تي ٽوپِي ڪارِي ڪارِي
گُهمَندو آيو گُهمَندو آيو
نَديءَ ڪِناري گُهمَندو آيو
اُتي ڏِٺائين واگهُ هِڪِڙو
سَندَسِ پُٺِيان ٿي آيو ٽَڪِڙو
ٻِجليءَ وانگُرُ چوڪَرُ ڊوڙِيو
اِجهو ٿِئِي واگهُءَ کيس نِووڙِيو
سَهِڪيءَ ۾ اُتي آيو نينگرُ
شينهُن ڏِٺائِين سامِهُون کيهر
شينهُن مَٿِس آيو ٽِپُ ڏِئِي
پَرَ چوڪَرَ چالاڪي ڪَئِي
هِڪَدَمُ ليٽِي پِيو ڌَرتِيءَ تي

مَٿان ڪَيائين اوٽَ ڇَٽيءَ جي

شينهُن ڇَٽيءَ جي مَٿان ٽِپي وِيو

وَڃِي واگهُوءَ جي واتَ ۾ سو پِيو

شِينهنُ ڦٽِيو ۽ واگهُو زَخِمي

پَڄَڻَ لَڳو پوءِ ڇوڪَرُ جَلدِي

ڇَڏي ڇَٽي ۽ ٽوپِي آيو

ڪِين ڏَرو هُنَ وَقُتُ وِڃايو

گهَرَ ڏي ڊوڙِيو ٽَڪِڙو ٽَڪِڙو

ڇوڪَرُ نَنڍِڙو، ڇوڪَرُ نَنڍِڙو

Poet- Hari Daryani Dilgir

Singer- Honey Khilwani

Music Director- Jagdish Lalwani